
# مڪي شريف جو

# شان ۽ عظمت

05-July-2018

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان



(For Islamic Sisters)

هرمبلغ بيان ڪرڻ کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ تي پيرا پڙهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# مڪي شريف جو شان ۽ عظمت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرُود شريف جي فضيلت

حُضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عاليشان آهي: جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ مون ڏانهن شَوق ۽ مَحَبَّت جي ڪري ٽي ٽي پيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ تي حق آهي تہ هو ان جي ان ڏينهن ۽ اُن رات جا گُناهہ بخشي ڇڏي-
(مُعْجَم كبير،١٨ /٣٦٢ ،حديث:٩٢٨)

ڪعبہ کے بَدْرُ الدُّجیٰ تم پہ کروروں دُرُود طَيْبَہ کے شَمْسُ الضُّحیٰ تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿيون. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندَس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندَس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين اسلامي ڀينرن جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس

۞ ڏِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندَس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذکُرُالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره بڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ واريءَ جي دِل جوئي جي لاءِ آهستہ آواز سان جواب ڏيندَس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس-دوران بيان موبائل جي غيرضروري استعمال کان بچندَس،نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جو آواز ڇو تہ ان جي اجازت ناهي،جيڪو ڪجهہ ٻُڌندَس،اُن کي بڌي ۽ سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي بعد ۾ ٻين تائين پهچائي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## زبان ۾ اکين وارو ڪڪر

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو ڪتاب ”حڪايتون ۽ نصيحتون“ جي صفحي نمبر 126 تي آهي: حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان روايت آهي: جڏهن طوفانِ نوح کان بعد بيت المعمور جنهن جو بنياد حضرت سيدنا آدم عَلَيْهِ السَّلَام رکيو هو، جنهن کي ڇهين آسمان تي کنيو ويو تہ الله پاڪ حضرت سيدنا ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي حڪم ڏنو تہ اهي بيت الله شريف جي جاءِ تي اچي ان جي نشانن تي بنياد رکن. حضرت سيدنا ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اتي تشريف کڻي ويا پر اهو پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کان پوشيده هو ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام کي ان جو ڪو نشان ڏسڻ ۾ نہ پئي آيو تہ الله پاڪ هڪ بادل موڪليو جيڪو ڏيگهہ ويڪرائي ۾ بيت الله شريف جي مقدار جي برابر هو، ان جو مٿو، زبان ۽ بہ اکيون هيون. اهو بيت الله شريف جي مقام تي بيهي رهيو ۽ عرض ڪيائين: اي ابراهيم! منهنجي مقدار جي برابر بنياد رک. حضرت سيدنا ابراهيم عَلَيْهِ‌السَّلَام ان جي چوڻ جي مطابق بنياد رکي پوءِ بادل هليو ويو.

جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ان جي ٺاهڻ کان فارغ ٿيا پوءِ طواف ڪيائون. الله پاڪ سندن جي طرف وحِي فرمائي تہ ”ماڻهن ۾ حج جو اعلان ڪر“ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيائون: ”منهنجو آواز ڪٿين پهچندو؟“ تہ الله پاڪ ارشاد فرمايو: ”اي ابراهيم! تنهنجو ڪم آهي ندا ڪرڻ پهچائڻ اسان جو ذمو

آهي.“ تہ حضرت سيدنا ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام **جبل ابو قُبَيس** تي چڙهي بلند آواز سان پڪاريو اي الله پاڪ جا ٻانهو! توهان جي رب پاڪ گهر ٺاهيو ۽ توهان کي هن جو حج ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. پوءِ الله پاڪ سموري زمين وارن کي سندن جو آواز ٻڌايو تہ جنن، انسانن، پٿر ۽ مٽي جي پترن، پهاڙن ۽ وارياسي ميدانن ۽ هر خشڪ ۽ تر جواب ڏنو. مشرق ۽ مغرب وارن کي آواز پهچايو تہ مائرن جي پيٽن مان ۽ مردن جي پشتن مان سيني هي چوندي جواب ڏنو: لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ لَبَّيْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْكَ اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ تہ اڄ اهو ئي شخص حج ڪندو، جنهن ان ڏينهن جواب ڏنو هو. جنهن هڪ ڀيرو لبيڪ چيو تہ اهو هڪ ڀيرو حج ڪندو، جنهن بہ ڀيرا چيو اهو بہ ڀيرا ۽ جنهن ٽي ڀيرا لبيڪ چيو اهو ٽي ڀيرا حج ڪندو ۽ جنهن ان ڪان وڌيڪ ڀيرا لبيڪ چيو اهو اوترائي ڀيرا حج ڪندو.

(شعب الايمان للبيهقی،باب فی المناسک،حيث الكعبة والمسجد الحرام،حديث:۳۹۸۹، ج۳،ص۴۳۶، مفهومًا،اخبار مكة للفاكهی،ذكر ابراهيم۔۔الخ،حديث:۹۷۳،ج۱،ص۴۴۵فردوس الاخبار للديلمی، باب اللام، حديث۵۳۴۳،ج۲،ص۲۱۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!** بَيتُ الله شريف جو حج ڪرڻ اها عظيم ۽ عمده عبادت آهي جو عاشقانِ رسول اسلامي ڀينرون هن عبادت کي ادا ڪرڻ جي لاءِ ٻاڏائي دعائون گهرنديون آهن، ٻين کان دعا ڪرائينديون آهن، هن مَقصَد کي حاصل ڪرڻ خاطِر ڪميٽيون وجهنديون آهن، پنهنجي حلال ڪمائي مان ڪجهہ نہ ڪجهہ الڳ سان گڏ ڪنديون آهن، پوءِ مخصوص رَقم جمع ٿيڻ کان بعد حج جي ادائيگي جي لاءِ هن اُمّيد تي درخواستون (Applications) جمع ڪرائينديون آهن تہ اِنۡ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ هن ڀيري انهن جو نالو بہ قُرعہ اندازي ۾ نڪرندو ۽ اهي بہ حج جي سعادت ماڻي اتي جي دِلرُبا نظارن سان پنهنجون اکيون ٿڌيون ڪنديون، مُقَدَّس جاين تي وجي پنهنجي گناهن جي مُعافي گهرنديون، پنهنجو دلي احوال ٻڌائينديون ۽ دنيا و آخرت جون ڀلائيون گهرنديون، پوءِ جنهن جو نالو قُرعہ اَندازي ۾ نڪري ايندو آهي تہ ان جي خوشي ڏسڻ وٽان هوندي آهي چوتہ ڪجهہ ئي ڏينهن کان بعد هوءَ خواب ۾ نہ بلڪ حقيقت ۾ ان شهرِ محبوب يعني مَڪ مُڪَرَّمَہ جي حدن ۾ داخل ٿيندي جنهن جو شان ۽ عظمت قرآنِ ڪريم ۾ بَيان ٿيو آهي،

سيپارو 30 سُورَة البَلَد جي آيت نمبر 1 ۽ 2 ۾ اِرشادِ باري آهي:

لَآ اُقۡسِمُ بِهٰذَا الۡبَلَدِ ۙ﴿۱﴾ وَ اَنۡتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الۡبَلَدِ ۙ﴿۲﴾

**ترجموڪنزالايمان:** مون کي هن شهر جو قسم، جو اي محبوب تون هن شهر ۾ تشريف فرما آهين.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! مُفَسّرن سڀني جو هن ڳالهه تي اِجماع (اِتّفاق) آهي تہ هن آيت سڳوري ۾ الله پاڪ جنهن شهر جو قسم ذِڪر ڪيو آهي اهو مَڪو شريف آهي- هن ئي آيتِ مُبارَڪ ڏانهن اِشارو ڪندي اَميرُالمؤمنين حضرت سَيدُنا عُمَر فاروقِ اَعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ هيئن عَرض گزار ٿيا: يارَسُولَ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي فِدا ٿين! اوهان جي فضيلت الله پاڪ وٽ ايتري بلند آهي جو اوهان جي مبارڪ زندگي بابت الله ڪريم قسم ياد فرمايو آهي نہ ئي ٻين نبين سڳورن عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام جو ۽ اوهان جو مَقام ۽ رتبو رب ڪريم وٽ ايترو بلند آهي جو ان جي ذريعي اوهان جي مُبارَڪ قدمن جي خاڪ جو قسم ذِڪر ڪيو آهي- ( شرح زرقاني علي المواهب ،الفصل الخامس--- الخ، ۴۹۳/۸،فتاويٰ رضويه،۵۵۶/۵)

اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پنهنجي مَشهور نَعتِيہ دِيوان"حدائقِ بخشش" ۾ لکن ٿا:

وہ خدا نے ہے مَرْتَبَہ تجھ کو دیا نہ کسی کو ملے نہ کسی کو ملا
کہ کلامِ مجید نے کھائی شہا ترے شہر و کلام و بَقا کی قسم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! جهڙي طرح قرآنِ ڪريم مَڪہ مُڪرَّمہ جي شان ۽ عظمت جي شاهدي ڏئي رهيو آهي اهڙي طرح مُختلِف حديث سڳورين ۾ بہ مَڪہ مُڪرَّمہ جي عظيمُ الشَّان فضيلتن کي بَيان ڪيو ويو آهي- اچو! اسان بہ اهي فضيلتون ٻڌون ٿيون تہ جيئن اسان جي دل ۽ دماغ ۾ بہ ان مُقَدَّس شهر جو شان ۽ عظمت وڌيڪ اُجاگر ٿئي،

## مڪي مديني جي خُصوصِيت

ارشاد فرمايائون: لَایَدۡخُلُ الدَّجَّالُ مَکَّۃَ وَلَا الۡمَدِیۡنَۃَ يعني مڪي ۽ مديني ۾ دجال داخل نہ ٿيندو- (مسند احمد بن حنبل ج 10 ص 85 حديث 26106)

## مڪي مديني ۾ مرڻ جي فضيلت

ارشاد فرمايو: جنهن شخص جي حجّ يا عمري جي نيّت هئي ۽ ان حالت ۾ ان کي حَرَمَين (يعني مڪي يا مديني ۾) موت اچي ويو تہ الله تعاليٰ ان کي قيامت جي ڏينهن اهڙي حالت ۾ اٿاريندو جو ان تي نہ حساب هوندو ۽ نہ عذاب، هڪ ٻي روايت ۾ آهي: بُعِثَ مِنَ الۡاٰمِنِیۡنَ یَوۡمَ الۡقِیَامَۃِ يعني اهو قيامت جي ڏينهن امن وارن ماڻهن ۾ اٿاريو ويندو- (مصنف عبدالرزاق،۱۴۲/۹،حديث:۱۷۴۷۹)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مڪہ مڪرمہ جا بابرڪت مقامات

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ياد رکو! شهر محبوب يعني مڪہ مڪرمہ ۾ فضيلت ۽ برڪت وارا تمام گهڻا مقام موجود آهن پر ان سڀني مان ڪعبي شريف کي سڀني کان وڌيڪ فضيلت حاصل آهي. اچو! حصولِ برڪت جي لاءِ خانہ ڪعبہ جي شان ۽ عظمت ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ

## ڪعبو سوني جي زنجيرن ۾ ٻڌي ڪري محشر ۾ آندو ويندو

حضرت سيدنا وهب بن منبہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: ”تورات شريف“ ۾ آهي تہ الله پاڪ بروزِ قيامت پنهنجي 7 لک مقرب فرشتن کي موڪليندو جن مان هر هڪ جي هٿ ۾ سون جي هڪ زنجير هوندي. اللّٰہ پاڪ فرمائيندو: ”وڃو! ۽ ڪعبي کي ان زنجيرن ۾ ٻڌي ڪري محشر ڏانهن آڻيو“ فرشتا ويندا ان کي زنجيرن کان ٻڌي ڇڪيندا ۽ هڪ فرشتو پڪاريندو: ”اي ڪعبة الله! هل“ تہ ڪعبو مبارڪ چوندو: ”مان نہ هلندس جيستائين منهنجو سوال پورو نہ ٿي وڃي“ آسمان جي فضا مان هڪ فرشتو پڪاريندو ”تون سوال ڪر“ تہ ڪعبو بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندو: ”اي الله پاڪ! تو منهنجي پرسان دفنايل مومنن جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول فرماء.“ تہ ڪعبو شريف هڪ آواز ٻڌندو: ”مون تنهنجي درخواست قبول فرمائي.“ حضرت سيدنا وهب بن منبہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا: ”پوءِ مڪي پاڪ ۾ دفن ٿيڻ وارن کي اٿاريو ويندو جن جا چهرا

سفيد هوندا. اهي سب احرام جي حالت ۾ ڪعبي جي ويجهو ٿي ڪري تلبيہ (يعني لبيڪ) چئي رهيا هوندا. پوءِ ملائڪ چوندا: ”اي ڪعبا! هاڻي هل.“ تہ اهو چوندو: ”مان نہ هلندس، جيسيتائين منهنجي درخواست قبول نہ ڪئي ويجي.“ تہ آسمان جي فضا مان هڪ ملائڪ پڪاريندو تو گهر توکي ڏنو ويندو. تہ ڪعبو شريف چوندو: ”اي الله پاڪ تنهنجا گناهگار ٻانها جيڪي جمع ٿي پري پري کان مٿي سان ٻريل مون وٽ آيا. انهن پنهنجي اهل و عيال ۽ احباب کي ڇڏي، انهن فرمانبرداري ۽ زيارت جي شوق ۾ نڪري ڪري تنهنجي حڪم جي مطابق حج جا مناسڪ ادا ڪيا، تہ مان توکان سوال ڪيان ٿو تہ انهن جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ، انهن کي قيامت جي گهٻراهٽ کان امن ۾ رک ۽ انهن کي منهنجي چوڌاري جمع ڪري ڇڏ.“ تہ هڪ فرشتو ندا ڏيندو: اي ڪعبا! انهن ۾ اهڙا ماڻهو بہ هوندا جن تنهنجي طواف کان پوءِ گناهہ ڪيا هوندا ۽ انهن تي اسرار ڪري پنهنجو پاڻ تي جهنم واجب ڪري چڪا هوندا تہ ڪعبو شريف عرض ڪندو اي الله پاڪ! انهن گناهگارن جي حق ۾ بہ منهنجي شفاعت قبول فرماءِ جنهن تي جهنم واجب ٿي چڪو آهي: تہ الله پاڪ فرمائيندو: ”مون انهن جي حق ۾ تنهنجي شفاعت قبول ڪئي.“ تہ اهو ئي فرشتو ندا ڪندو: جنهن ڪعبي جي زيارت ڪئي هئي اهو ٻين ماڻهن کان جدا ٿي وڃي. الله پاڪ انهن سڀني کي ڪعبي جي چوڌاري جمع ڪندو انهن جا چهرا سفيد هوندا ۽ اهي جهنم کان بي خوف ٿي ڪري طواف ڪندي تلبيہ چوندا. پوءِ فرشتو پڪاريندو: اي ڪعبة الله هل. تہ ڪعبو شريف (هن طرح) تلبيہ چوندو: ” لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ، وَالْخَيْرُ كُلُّهٗ، بِيَدَيْكَ، لَبَّيكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْكَ، اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ “ پوءِ فرشتا ان کي ڇڪي ميدانِ محشر تائين وني ويندا.

(الروض الفائق ص٦٦)

## سليمان جو لشڪر ۽ ڪعبو

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو ڪتاب ”ملفوظاتِ اعلٰي حضرت“ صفحہ 130 تي آهي: حضرت سليمان عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جو تخت هوا تي اڏامندو وڃي رهيو جڏهن ڪعبي شريف کان گزريو تہ ڪعبو رنو ۽ الله پاڪ جي حضور عرض ڪيو تہ هڪ نبي تنهنجي انبياء مان ۽ هڪ لشڪر تنهنجي لشڪرن مان گزريو نہ مون تي لٿو، نہ نماز پڙهي. ان تي ارشادِ باري تعالٰي ٿيو: نہ روُ! مان تنهنجو حج پنهنجي ٻانهن تي فرض ڪندس جيڪي

تنهنجي طرف ائين تتندا جيئن پکي پنهنجي آکيرن ۾ ۽ ائين روئندي ڊوڙندا جيئن ڏاچي پنهنجي ٻار جي شوق ۾ ۽ تو ۾ ( يعني تنهنجي شهر) ۾ نبيِ آخرُالزّمان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پيدا ڪندس جيڪو مون کي سيني انبياء عَلَيْهِمُ السَّلَام کان وڌيڪ پيارو آهي. (تفسير بغوی ج۳ ص ۳۵۱ ملخّصاً)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!ڏٺو اوهان تہ! الله پاڪ مَڪي پاڪ کي ڪيترين عظيمُ الشان خُصوصيتن ۽ بَرڪتن سان نوازيو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان دنياوي پريشانين ۾ ڦاٿل رهڻ جي بدران حَرَمَين طَيّبَين جي حاضِري جي لاءِ ڪوششون جاري رکون، هن لاءِ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ روئي ٻاڏائي دُعائون گهرون، هن اُمّيد تي تہ ڪڏهن تہ ڪرم وارو در کلندو، ڪڏهن تہ اسان کي سڏ ٿيندو، ۽ ڪڏهن تہ اسان جو نالو بہ حاجياڻين جي فهرست(List) ۾ شامل ٿيندو-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! مَڪي شريف کي صِرف اهو ئي هڪ شَرَف حاصِل هجي ها تہ بہ ان جي شان ۽ عظمت جي لاءِ ڪافي هو جو هن مبارَڪ سَرزمين تي بَيتُ الله شريف جَلوَه گر آهي پر قربان وڃجي جو ان جي علاوه بہ ان پُرنُور شهر جون فضيلتون ۽ خصوصيتون ايتري قدر گهڻيون آهن جو دل چاهيندي آهي، بس بَيان ڪندا ۽ ٻڌندا ئي رهون ڇوتہ هن مُقَدَّس شهر (Holy City) ۾ جڳهہ جڳهہ پياري آقا، مديني واري مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن پيارا صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم سان نسبت رکندڙ مُقَدَّس ۽ يادگار مسجِدون، ڪوهہ، غارون، تعميرات ۽ مزارات وغيره موجود آهن- اچو! حُصولِ بَرَڪت ۽ نُزولِ رَحمت جي لاءِ مڪي شريف جي ڪن خُصوصيتن جي باريِ ۾ ٻڌو ۽ پنهنجي دل ۾ هن پاڪيزه شهر جي عظمت وڌيڪ وڌائڻ جو سامان ڪريو، جيئن تہ

## مَڪ مُڪرّم جون ڪجهہ خاصيتون

(1) نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا.

## سروَرِ عالم ﷺ جي ولادت گاهہ

حضرت علامہ قطبُ الدين عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ المُبِين فرمائن ٿا: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادت گاهہ وٽ دعا قبول ٿيندي آهي- (بلد الامين ص 201) خليفي هارون رشيد رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي والده هتي مسجد تعمير ڪرائي هئي- اڄڪلهہ ان مُقدّس جڳهہ تي لائبريري (Library) قائم ڪئي وئي آهي ۽ ان تي بورڊ لڳل آهي: "مكتبة مكة المكرمة" (عاشقانِ رسول ڪي 130حڪايات،ص٢٣٧)

(2) پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دين اسلام جي تبليغ جو آغاز بہ هتان ڪان فرمايو.

(3) هتي ئي ڪعبو شريف آهي، ان جو ئي طواف ڪيو ويندو آهي ۽ نماز ۾ سڄي دنيا ۾ هن جي ئي طرف منهن ڪيو ويندو آهي. اچو! طوافِ ڪعبہ جي فضائل تي مشتمل 3 فرامين مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿيون:

## طواف جا فضائل

1. جنهن ڳڻي ڪري طواف جا 7 ڦيرا ڪيا ۽ پوءِ 2 رڪعتون ادا ڪيون تہ هي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي ۽ طواف ڪندي انسان جي هر قدم جي بدلي ۾ 10 نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ ان جا ڏهہ گناهہ مٽايا ويندا آهن ۽ ڏهہ درجا بلند ڪيا ويندا آهن. (مسند امام احمد بن حنبل، ج٢ص٢٠٢حديث٤٤٦٢)

2. جيڪو بيت الله جي طواف جا 7 ڦيرا ڪري ۽ ان ۾ ڪا لغو (يعني بيهوده) ڳالهہ نہ ڪري تہ هي هڪ غلام آزاد ڪرڻ جي برابر آهي.
(المعجم الكبير،ج٢٠،ص٣٦٠حديث٨٤٥)

3. جنهن 50 ڀيرا بيت الله شريف جو طواف ڪيو تہ اهو گناهن مان ايئن نڪري ويو جيئن ان ڏينهن (پنهنجي) ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو هو.
(جامع الترمذی،ابواب الحج،باب ماجاءفی فضل الطواف، حديث ٨٦٦، ص ١٧٣٣)

(وسائلِ بخشش مُرمّم، ص81)

4. مسجد الحرام شريف مڪہ مڪرمہ ۾ آهي جنهن ۾ هڪ نماز جو ثواب هڪ لک (100000) نمازن جي برابر آهي، جيئن تہ

## مسجد حرام ۾ نماز پڙهڻ جو ثواب

حضرت سيدنا جابر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ ڪان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: منهنجي هن مسجد ۾ نماز پڙهڻ مسجد حرام ڪان علاوه ٻين مسجدن ۾ هڪ هزار نمازون پڙهڻ ڪان افضل آهي ۽

مسجد حرام ۾ هڪ نماز پڙهڻ ٻين مسجدن ۾ هڪ لک نمازون پڙهڻ کان افضل آهي. (مسند احمد، مسند جابربن عبدالله ، رقم ، ۱۴۷۰۰، ج ۵، ص ۱۰۸)

5. آب زم زم جو کوھ بہ اتي واقع آهي

## آب زم زم جون برڪتون

آب زم زم جون برڪتون بيان ڪندي نبي اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: آب زم زم هر ان مقصد جي لاءِ آهي، جنهن مقصد جي لاءِ ان کي پيتو وڃي، جيڪڏهن توهان ان کي شفا جي غرض کان پيئندو تہ الله پاڪ توهان کي شفا ڏيندو، جيڪڏهن توهان ان کي پناھ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پيئندو تہ الله پاڪ توهان کي پناھ ڏيندو، جيڪڏهن توهان ان کي پنهنجي اڃ ختم ڪرڻ لاءِ پيئندو تہ الله پاڪ توهان جي اڃ ختم ڪندو. (هن حديث پاڪ جا راوي بيان ڪن ٿا تہ) حضرت سيدنا ابن عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جڏهن آب زم زم پيئندا تہ هي دعا گهرندا: اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَسْئَلُكَ عِلْمًا نَافِعًا وَّرِزْقًا وَّاسِعًا وَّشِفَاءً مِّنْ كُلِّ دَاءٍ يعني اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان توکان نفي ڏيڻ وارو علم، ڪشادو رزق ۽ هر بيماري کان شفا جو سوال ڪريان ٿو.

(مستدرک،کتاب المناسک، باب ماء زمزم لماشرب لہ،۱۳۲/۲،رقم:۱۷۸۲)

یہ زم زم اُس لئے ہے جس لئے اس کو پیے کوئی

اِسی زم زم میں جنّت ہے اِسی زم زم میں کوثر ہے

(ذوقِ نعت، ص۱٦٠)

6. حجر اسود ۽ مقامِ ابراهيم بہ ان شهرِ مقدس مڪہ پاڪ ۾ آهي.

## حجر اسود ۽ مقامِ ابراهيم

حجر اسود جنتي پٿر آهي، رڪن (يعني حجر اسود) ۽ مقام (ابراهيم) بہ ”جنتي ياقوت“ آهن. پهريان تمام نوراني هئا. الله پاڪ انهن جو نور لڪائي ڇڏيو جيڪڏهن ايئن نہ ٿئي ها تہ هي مشرق ۽ مغرب کي چمڪائن ها. (تفسيرِ نعيمی ج۱ ص ٦٣٠) جڏهن سنگِ اسود ڪعبي جي ديوار ۾قائم ڪيو ويو تہ ان جي روشني چوڌاري پري تائين ويندي هئي، جيستائين ان جي روشني پهتي ايستائين حرم جون حدون مقرر ٿيون، جنهن ۾ شڪار ڪرڻ منع آهي ۽ سنگِ اسود جو رنگ بالڪل سفيد هو گناهگارن جي هٿن سان ڪارو ٿي ويو. (ايضا ص ٦٨١،٦٨٠)

حضور سيد عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي چميو آهي. امير المومنين حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن فرمايو: اي حجر اسود! مان ڄاڻيان ٿو ته تون پٿر آهين، نفعي ۽ نقصان جو مالڪ ناهين، جيڪڏهن مان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تو کي چمندي نه ڏسان ها ته توکي ڪڏهن به نه چما هان.
(بلد الامين ص ٦١)

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن اهو پٿر اٿاريو ويندو، ان جون ٻه اکيون هونديون جنهن سان ڏسندو، زبان هوندي جنهن سان ڳالهائيندو ۽ پنهنجي استلام ڪرڻ واري جي حق ۾ گواهي ڏيندو. (ترمذی ج٢ص٢٨٦حديث٩٦٣)
ان جو مس ڪرڻ (يعني هٿ لڳائڻ) گناهن کي مٽائيندو آهي، اعلانِ نبوت سان پهريان به هي پٿر مبارڪ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سلام ڪندو هو. هن پٿر شريف کي ٻيهر هڪ ڀيرو پنهنجي اصل شڪل تي ڪيو ويندو، قيامت جي ڏينهن ان جو جحم (يعني جسامت) جبلِ ابي قُبيس جيترو هوندو. (بلد الامين ص ٦٢ و الجامع اللطيف لابن ظهيرة ص ٣٧،٣٨)
(7) صفا مروه به انهيءَ شهر ۾ آهن. اهي ٻئي الله پاڪ جي نشانين مان آهن، جيئن ته الله پاڪ سيپارو 2 سورة البقره جي آيت نمبر 158 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىِٕرِ اللّٰهِۚ فَمَنْ حَجَّ الْبَیْتَ اَوِ اعْتَمَرَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیْهِ اَنْ یَّطَّوَّفَ بِهِمَاؕ وَ مَنْ تَطَوَّعَ خَیْرًاۙ فَاِنَّ اللّٰهَ شَاكِرٌ عَلِیْمٌ (۱۵۸)

ترجمو: بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي نشانين مان آهن پوءِ جيڪو ان گهر جو حج يا عمرو ڪري، ان تي گناهه نه آهي جو انهن ٻنهيءَ جو طواف ڪري ۽ جيڪو پاڻ ئي چڱو ڪم ڪري ته الله نيڪي جو بدلو ڏيندڙ ۽ ڄاڻ وارو آهي.

## ميقات جو بيان

8. ميقات جي ٻاهر کان اچڻ وارا بغير احرام جي مڪي ۾ داخل نه ٿا ٿي سگهن.

## ميقات جي تعريف

ميقات ان جڳهه کي چوندا آهن جو مڪي معظمه وڃڻ وارن آفاقين کي بغير احرام جي اتان کان اڳتي وڃڻ جائز ناهي، چاهي تجارت يا ڪنهن به مقصد جي

تحت ويندو هجي ايسيتائين جو مڪ مڪرم جا رهڻ وارا ب جيڪڏهن ميقات جي حد (مثال طور طائف يا مدين منوره) وجن ت انهن کي ب هاڻي بغير احرام جي مڪي پاڪ اچڻ ناجائز آهي. (رفيق الحرمين،ص٦٣)

9. سڄي دنيا کان مسلمان حج جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هتي ئي مڪ پاڪ حاضر ٿيندا آهن.

10. جيڪو هن شهرِ مقدس ۾ داخل ٿي وڃي امن ماڻڻ واروهوندو. جيئن ت پاره 1 سورة البقره جي آيت نمبر 126 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهٖمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا بَلَدًا اٰمِنًا

۽ جڏهن ابراهيم عرض ڪيو ت اي منهنجا پالڻهار! هن شهر(مڪي) کي امان وارو ڪر.

11. مڪ پاڪ جي هڪ خصوصيت هي آهي ت ڏينهن جو ڪجه وقت اتان جي گرمي تي صبر ڪرڻ واري کي جهنم جي باه کان دور ڪيو ويندو آهي، جيئن ت

## مڪي جي گرمي تي صبر جي فضيلت

نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مَنْ صَبَرَ عَلٰى حَرِّ مَكَّةَ سَاعَةً مِّنْ نَهَارٍ تَبَاعَدَتْ مِنْهُ النَّارُ يعني جيڪو شخص ڏينهن جو ڪجه وقت مڪي جي گرمي تي صبر ڪري جهنم جي باه ان کان دور ٿي ويندي آهي. (اخبار مكة،٣١١/٢، حديث: ١٥٦٥)

## غارِ حِرا

12. هتي غارِ حرا آهي، جتي مڪّي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي پهرين وحي نازل ٿي، تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظهورِ رِسالت کان اڳ هتي ذِڪر و فڪر ۾ مشغول رهيا هئا، اهو قبلي جي طرف واقع آهي- رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي پهرين وحي ب انهيءَ غار ۾ نازل ٿي- جيڪا اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ۞ کان مَا لَمْ يَعْلَمْ تائين 5 آيتون آهن، اهو غار مبارڪ مسجد الحرام کان

اوپر طرف تقريبًا 3 ميل تي ”جبلِ حِرا“ تي آهي، انهيءَ مبارڪ جبل کي جبل نور بہ چوندا آهن- ”غارِ حِرا“ غارِ ثور کان افضل آهي، ڇوتہ غارِ ثور ٽن ڏينهن تائين رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا قدم چميا، جڏهن تہ غارِ حِرا حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت پري صحبت کان ڪافي عرصو فيضياب ٿيندو رهيو- (عاشقانِ رسول کي 130حڪايات،ص۲۴۱)

(13) مڪ پاڪ جي هڪ خصوصيت هي آهي تہ هتي هر موسم جا ميوا ملندا آهن. (14) (15) معراج النبي ۽ چنڊ جي بہ ٽڪرا ٿيڻ جا معجزا انهيءَ شهر ۾ ظاهر ٿيا.

## چنڊ بہ ٽڪرا ٿي ويو

ڪفارِ مڪ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان معجزو طلب ڪيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چنڊ کي بہ ٽڪرا ڪري ڏيکاري ڇڏيو هڪ ٽڪرو”جبلِ ابوقُبَيس“ تي نظر آيو ۽ ٻيو ٽڪرو ”جبلِ قُعَيقِعان“ تي ڏٺو ويو. اهڙي طرح چنڊ کي بہ ٽڪرا ڪري حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪفارِ مڪ کي ڏيکاري ڇڏيو ۽ فرمايائون تہ توهان ماڻهو گواهہ ٿي وڃو. ( تفسير جلالين، ص۴۴۰،پ۲۷، القمر:۱)

17 دنيا جو سڀ کان پهريون جبل جبل ابو قبيس اتي واقع آهي.

## جبلِ ابوقُبَيس

هي دنيا جو سڀ کان پهريون جبل آهي، مسجدُ الحرام جي ٻاهر صفا ۽ مَرْوَہ جي ويجهو واقع آهي، ان جبل تي دعا قبول ٿيندي آهي، مڪي وارا ڏڪار دوران انهيءَ تي اچي دعا گهرندا هئا، حديث پاڪ ۾ آهي: ”حَجَرِ اَسْوَد جنّت مان هتي ئي نازل ٿيو هو-“ (الترغيب والترهيب 94/2 حديث1782) انهيءَ جبل کي ”الامين“ بہ چيو ويو آهي تہ ”طوفانِ نوح“ ۾ حَجَرِ اَسْوَد انهيءَ جبل تي حفاظت سان تشريف فرما رهيو، هڪ روايتَ جي مطابق ڪَعبي شريف جي تعمير جي موقعي تي ان جبل حضرت سيدنا ابراهيم عَلَيه السَّلام کي پڪاري ڪري عرض ڪيو: حَجَرِ اَسْوَد هتي آهي- (بلدالامين ص 204 بتغير قليل) منقول آهي: اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ جبل تي جلوه افروز ٿي ڪري چنڊ جا بہ ٽڪرا ڪيا هئا، جيئن تہ مڪو پاڪ جبلن جي وچ ۾ گهيريل آهي ان لاءِ اتان چنڊ ڏٺو ويندو هو، (ٻي ۽

ٿي)رات جي چنڊ کي هلال چيو ويندو آهي تنهنڪري هن جڳهه تي يادگار جي طور تي هتي "مسجدِ هلال" تعمير ڪئي وئي آهي، ڪجھ ماڻهو ان کي مسجدِ بلال (رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ) چوندا آهن- (عاشقانِ رسول کي 130حڪايات، ص۲۳۸ملخصاً)

جَبَلِ نُور و جَبَلِ ثَور اور اُن کے غاروں کو سلام　　نُور برساتے پہاڑوں کی قِطاروں کو سلام

18. پياري پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اتي پنهنجي حياتِ ظاهري جا 53 سال گذاريا.

19. حضرت سيدنا امام مهدي رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو ظهور مڪي شريف ۾ ٿئي ٿيندو.
(عاشقانِ رسول کی 130حکایات مع مکے مدینے کی زیارتیں،ص۲۰۰ ملخصاً)

مکّے کی حَسِیْں شام کی دیکھوں میں بہاریں　　پھر دیکھوں مدینے کی شہا صُبْح دل آرا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 8مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "گهر درس"

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! مڪي مديني جي زيارت ۽ اتان جي نور بار مقاماتِ مقدسه جي زيارت جو شوق وڌائڻ ۽ سنين جي صحبت ماڻڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ڪري ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن ۾ پنهنجو حصو ملايو. ذيلي حلقي جي 8 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **"گهر درس"** به آهي. گهر ۾ مدني ماحول بڻائڻ جي لاءِ روزانو گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو درسِ فيضان سنت ڏيڻ يا ٻڌڻ جي ترڪيب بڻايو (جنهن ۾ نامحرم نه هجن) امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جي تخريج ڪيل رسالن مان به حسب موقع درس ڏئي سگهجي ٿو (دورانيو 7 منٽ آهي)

گهر درس جي برڪت سان علم دين حاصل ڪرڻ جو ثواب ملندو آهي اهڙي طرح گهر درس به ظاهري ۽ باطني اخلاق سنوارڻ ۽ سٺي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو آهي تنهنڪري اوهان سڀئي اسلامي ڀينرون گهر درس شروع ڪرڻ جي نيت ڪريو ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هميشه جي لاءِ وابسته ٿي وڃو

## گناهه کي گناهه سمجهڻ جو شعور ملي ويو:

باب المدينہ (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ نمازون قضا ڪرڻ ۽ بي پردگيءَ جهڙن گناهن ۾ گرفتار هئي. افسوس!ان کي گناهہ کي گناهہ سمجهڻ جو بہ احساس نہ هو ان کي دنياوي سهولتون موجود هجڻ جي باوجو دلي سڪون نصيب نہ هو ۽ عجيب بي چيني ۽ گهبراهٽ جو شڪار رهندي هئي الحمد للّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان کي دلي سڪون هن طرح مليو جو ڪجهہ اسلامي ڀينرن جي دعوت تي ان کي دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي اتي بيان ٻڌو پنهنجي ربّ قدير عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪيو ۽ دعا گهري ۽ روئيندي روئيندي پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي تہ ان کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ان جي دل تان بار لهي ويو ۽ ان کي قرار نصيب ٿي ويوآهي الحمدللّٰہ عَزَّوَجَلَّ انهيءَ اجتماع ۾ شرڪت جي برڪت سان اهي نہ صرف مدني ماحول سان وابستہ ٿيون بلڪ امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ سان بيعت ٿي ڪري عطّاريہ بہ ٿي ويون.

(مون مدني برقعو ڇو پاتو؟ص19)

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! حرمين شريفين جي حاضري جي تڙپ پنهنجي اندر پيدا ڪرڻ جو هڪ ٻيو ذريعو اهو بہ آهي تہ اسان بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي سيرت جو مطالعو ڪيون ڇو تہ هي حضرات مڪي مديني جي سر زمين سان سچي عقيدت ۽ محبت ڪندا هئا انهن مقامن سان انهن جي محبت جو اندازو هن ڳالهہ سان لڳايو تہ ڪجهہ بزرگن جو اهو معمول هو تہ اهي ڪنهن ٻئي ملڪ يا شهر جي رهائشي هئڻ جي باوجود مڪہ مڪرمہ جي فيض ۽ برڪتون حاصل ڪرڻ جي غرض سان زندگي جو اڪثرحصو محبوب جي شهر جي خوشبودار ۽ خوش گوار فضائن ۾ ساهہ ڪٽندي گذاريندا هئا ۽ هر سال استقامت سان گڏ بيت اللّٰہ شريف جي حج جي سعادت سان بہ فيضياب ٿيندا هئا.

## مجلس حج و عمره

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! مڪي مديني جي فيضان سان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيو ۽ دينِ مَتين جو پيغام عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اِسلامي تبليغ دين جي 104 شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهي، انهن مان هڪ شُعبَو ”مجلسِ حج وعُمره“ بہ آهي- هن مجلس ۾ شامل تَربيت يافتہ مُبَلّغ اِسلامي ڀائر هر سال حج جي مَوسمِ بهار ۾ حاجي ڪيمپن ۾ وڃي حاجين جي مدني تَربيَت ڪندا آهن

جڏهن تہ مُبَلِّغات اِسلامي ڀينرون حاجياڻين جي تَربِيت ڪنديون آهن- اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ هن مجلس جي تَحت حج وزيارتِ مدينہ جي لاءِ مڪي مديني وچڻ وارن ڪي اميرِ اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جا تحرير ڪيل ڪتاب "رَفِيقُ الْحَرَمَين" ۽ "رَفِيقُ الْمُعْتَمِرِين" بہ تحفي طور پيش ڪيا ويندا آهن تہ جيئن الله عَزَّ وَجَلَّ جي گهر جا مهمان ۽ حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا عاشق هن عِبادت کي اَحسَن طريقي سان ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن، الله پاڪ مجلس حج و عمره کي وڌيڪ برڪتون عطا فرمائي-

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خلاصو

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو تہ

❖ مَڪۂ مُڪَرَّمَہ جي شان و عظمت کي قرآنِ ڪريم ۾ بيان ڪيو ويو آهي- ❖ مَڪي شريف جو شان ۽ عظمت حديثن سڳورين ۾ بيان ٿيو آهي- ❖ مَڪي شريف ۾ دجال داخل نہ ٿي سگهندو- ❖ مَڪہ مُڪَرَّمَہ ۾ داخل ٿيڻ وارو امن وارو ٿي ويندو آهي- ❖ مَڪہ مُڪَرَّمَہ ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت ٿي- ❖ مَڪہ مُڪَرَّمَہ جي زمين آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسنديده زمين آهي- ❖ مَڪہ مُڪَرَّمَہ ۾ فضيلت ۽ برڪت وارا ڪيئي مقام موجود آهن- ❖ مَڪي شريف ۾ ئي امام مهدي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو ظهور ٿيندو- الله پاڪ اسان کي حرمين طيبين جي بار بار باادب حاضري نصيب فرمائي-

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدار رسالت،

شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سُنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

## سفر ڪرڻ جون سُنّتون ۽ آداب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون!اچو سَفر ڪرڻ جون سُنّتون ۽ آداب ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿيون- ❖ جڏهن سفر ڪرڻو هجي ته بهتر هي آهي ته سومر، جمعرات يا ڇنڇر جو ڪري- (فتاويٰ رضويه،۲۳/۴۰۰ملخصاً) ❖ عورت ڪي بغير مڙس يا محرم جي سفر جي لاءِ وڃڻ حرام آهي، هن ۾ ڪجهه حج جي خصوصيت نه آهي، ڪاٿي هڪ ڏينهن جي رستي تي بغير مڙس يا محرم جي ويندي ته گناهگار ٿيندي. (فتاوي رضويه ڪتاب الحج ج 10 ص 657)❖ عورت ڪي بغير محرم جي ٽي ڏينهن يا وڌيڪ جو سفر ڪرڻ، ناجائز آهي بلڪ هڪ ڏينهن جو سفر به.(بهارِ شريعت، حصو 4 ص 101) سَرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيّدُنا جُبَير بن مُطْعِم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪي سفر ۾ پنهنجي سيني ساٿين کان وڌيڪ خوشحال رهڻ جي لاءِ روانگي کان پهريان اهو وِرد پڙهڻ جي تلقين فرمائي: (1) سورة الكٰفرون (2) سورة النصر (3) سورة الاخلاص (4) سورة الفلق (5) سورة النّاس هر سورت هڪ هڪ دفعو ۽ هر هڪ جي پهريان "بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم" ۽ آخر ۾ به بِسۡمِ اللّٰهِ پوري پڙهو (اهڙيءَ طرح پنج سورتون ٿينديون ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ شريف ڇهه ڀيرا) حضرت سيّدُنا جُبير بن مُطْعِم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته مان هونءَ ته شاهوڪار هئس پر جڏهن سفر ڪندو هيس ته سيني ساٿين کان وڌيڪ غريب ٿي ويندو هيس- پوءِ مون اهي سورتون سفر کان پهريان پڙهڻ شروع ڪيون ته انهن جي برڪت سان واپسي تائين خوشحال ۽ دولتمند رهندو هئس- (ابويعليٰ،۶/۲۶۵، حديث:۷۳۸۲)❖ جڏهن مٿانهين جڳهه تي يا ڏاڪڻين تي چڙهندي يا بس وغيره مٿانهين ڏانهن چڙهي رهي هجي ته "اَللّٰهُ اَكۡبَر" چئو ۽ جڏهن ڏاڪڻين کان لهو يا لاهيءَ ڏانهن لهو ته "سُبۡحٰنَ الله " چئو ❖ منزل تي لهڻ وقت هيءَ دعا پڙهو: اَعُوۡذُ بِكَلِمَاتِ اللهِ التَّآمَّاتِ مِنۡ شَرِّمَا خَلَقَ. ترجمو: الله عَزَّ وَجَلَّ جي ڪلماتِ تامه جي ذريعي سموري مخلوق جي شر کان پناهه گهران ٿو. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر نقصان کان بچندؤ- (الحِصنُ الحَصين، ص۸۲) ❖ دورانِ سفر

ﭜ نَماز ۾ هرگز ڪوتاهي نہ ٿئي، ❖ رستي ۾ بس خراب ٿي وڃي تہ ڊرائيور يا بس جي مالڪن وغيره کي چِڙَ ڏيڻ ۽ بڪ بڪ ڪري پنهنجي آخرت خراب ڪرڻ بدران صبر ڪيو ۽ جنّت جي طلب ۾ ذِڪر و دورد ۾ مشغول ٿي وڃو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب"سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد